ڊاڪٽر نور محمد شاهه

# ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ جو تنقيدي جائزو

# PREFACE OF THESIS: SINDHI CULTURE AND SHAH LATIF


**ABSTRACT**

*“Sindhi Culture and Shah Latif” is the topic of Ph.D Thesis submitted to University of Sindh by Shah Nawaz Sodhar, he was awarded Degree of Doctor of Philosophy in1988. Thesis was published by the Bhit Shah Cultural Centre, in 1991. It is the first thesis written in Sindhi Language on Shah Abdul Latif. In this paper I have gone through the preface (Muqadimo) of thesis and have analyzed it’s all basic elements of central Idea.*


ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر پاران لکيل”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ جي موضوع تي پي .ايچ .ڊي .ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جي سنڌي شعبي 1988ع ۾ سند لاءِ منظور ڪئي، جنهن کي شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران 1991ع ۾ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. هي ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي جو عنوان آهي ”ثقافت جي معنيٰ ۽ مفهوم“. هي حصو ٽن بابن تي مشتمل آهي: (1) ثقافت جي معنيٰ ۽ مفهوم (2) سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ جو مختصر جائزو (3) شاهه عبداللطيف جو زمانو. ڪتاب جي ٻئي حصي جو عنوان آهي ”شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ سنڌ جي ثقافت“. هي حصو ستن بابن تي مشتمل آهي: (1) شاهه عبداللطيف جي

ڪلام ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ جا اهڃاڻ (2) شاهه جي رسالي ۾ آيل تاريخي اهڃاڻ (3) شاهه جي ڪلام ۾ مذهبي عنصر (4) شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ سياسي اهڃاڻ (5) شاهه جي ڪلام ۾سنڌي سماج جا اهڃاڻ (6) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ اقتصادي عنصر (7) شاهه صاحب جي ڪلام جي ٻولي ۽ ان جو فني پهلو .

ڪتاب جي پهرئين باب جو ابتدائي عنوان آهي: ”ثقافت جي معنيٰ“، جنهن هيٺ ثقافت جي معنيٰ هڪ پوري پئراگراف جي صورت ۾ هيءَ ڏني وئي آهي:

> ”قومن جي وجود جي سلامتيءَ جو انحصار، سندن باهمي تعلقات تي منحصر هوندو آهي ۽ اهڙي مثبت تعلقات جي ضرورت جهڙي اڄ جي دؤر ۾ محسوس ڪئي پئي وڃي ٿي، اهڙي اڳ ڪڏهن به نه ڪئي وئي آهي. مواصلاتي نظام جي سهولتن جي ڪري دنيا جون قومون هڪ ٻئي جي ويجهو اچي چڪيون آهن، مگر هڪٻئي جي مزاج، فطرت، سماجي ۽ نفسياتي فرق جي ڪري اهي هڪٻئي کي سمجهڻ کان قاصر به رهيون آهن. انهيءَ ڪري آئي ڏينهن منجهن جهڳڙن ۽ جنگين جو اُڀرڻ معمولي ڳالهه ٿي پيو آهي. اڄ ان ڳالهه جي اشد ضرورت آهي ته جيڪڏهن **قومن جي تعلقات کي بهتر بڻائڻو آهي ته سڀ کان اڳ ۾ قومن جي ثقافتي زندگيءَ جو مطالعو ڪيو وڃي.**
> (سوڍر،1991: 31)

مٿئين پئراگراف ۾ ثقافت جي ڪابه مروج لغوي يا اصطلاحي معنيٰ ڪونه ڏني وئي آهي، البت اُن مان محقق جي تحقيق جو مقصد متعين ٿئي ٿو. اُهو مقصد آهي: ”قومن جي تعلقات کي بهتر بڻائڻ لاءِ قومن جي ثقافتي زندگيءَ جو مطالعو“. معلوم ٿئي ٿو ته محقق معنيٰ جو لفظ مقصد جي جاءِ تي ڪم آندو آهي، ائين عام طور به ”معنيٰ ”لفظ “مقصد ”جي جاءِ تي استعمال ٿئي ٿو. پر هي مقصد بنيادي طور سياسي آهي، تنهنڪري محقق جي تحقيق به در اصل سياسي مقصد لاءِ ئي ٿي سگهي ٿي. حوالي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته: ‘دنيا جي

طاقتور قومن ۽ ڪمزور قومن جي وچ ۾ جيڪا (هڪ طرفي) ڪشمڪش، جنگ ۽ فساد آهي، تنهن جو بنيادي سبب ثقافت ۽ تهذيب جو فرق آهي’. طاقتور قومون پنهنجي تهذيبي ۽ اقتصادي عالمگيريت خاطر ضروري سمجهن ٿيون ته ڪمزور قومن جي وجود جي سلامتي فقط بالادست قومن جي مرضيءَ مطابق بڻجي وڃڻ ۾ آهي. اُن مرضيءَ مطابق سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف کي ڇا مان ڇا هئڻ گهرجي، هي ڪتاب اُن جو هڪ خاڪو پيش ڪري ٿو. اِهڙي مقصد سان شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ بابت انگريزي زبان ۾ اول هڪ ڪتاب: ”Shah Abdul Latif of Bhitt“ جي عنوان سان، ايچ. ٽي. سورليءَ لکيو، جنهن تي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ڪيس پي. ايچ. ڊي. جي سند ايوارڊ ڪئي ۽ ڪتاب پڻ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس طرفان ڇپايو ويو، جيڪو شاه عبداللطيف بابت انگريزي زبان ۾ پهرين پي.ايچ.ڊي. ٿيسز طور شمار ٿئي ٿو. ساڳئي مقصد سان مختلف سنڌاءَ ۾ هيءُ ڪتاب وري سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه عبداللطيف بابت پهرين پي. ايچ. ڊي. ٿيسز طور شمار ٿئي ٿو. هن ڪتاب تي سنڌ يونيورسٽيءَ  شاهنواز سوڍر کي پي. ايچ. ڊيءَ جي سَند ڏني آهي. مصنف پاران ڪتاب جي مقدمي ۾ لکيو ويو آهي ته:

> ”اِهو سچ آهي، ته جنهن دور شاهه عبداللطيف کي جنم ڏنو، تنهن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي هڪ اوپري ٻولي ۽ ذاريي ذريعي تي ڀاڙڻو پوي ٿو. ڇا ڪاڻ ته شاه جي زماني جو پس منظر پهريون دفعو جنهن ماڻهوءَ ڏنو، اهو مغربي عالم سورلي هو. هن ٿيسز لاءِ ان ڪتاب گهڻي ڪارائتي مدد ڪئي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر سورلي خود شاه جي ڪلام کي نه، بلڪ خارجي ذريعن کي اختيار ۽ استعمال ڪيو آهي. پر هن مقالي جي تڪميل گهڻو ڪري شاه عبداللطيف جي بيتن کي به ان زماني کي سمجهڻ لاءِ سونهون ڪري ڪنيو ويو آهي. پر جيتري قدر ڊاڪٽر سورلي جو ڪتاب “Shah Abdul Latif of Bhitt: His Life and Poetry” جديد  نوعيت جو آهي، اهڙو ئيو ڪتاب شاه صاحب جي زندگيءَ ۽ ان زماني جي پس منظر تي يقينن ڪونهي. (سوڍر،1991: 27، 28)

مٿئين حوالي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته شاهه عبداللطيف هڪ خاص دؤر جي پيداوار هو، تنهنڪري جن ڪي صدين ڪان دؤرن تي اختيار رهيو آهي، سي ئي اُن بابت سمجهائڻ جو حق به رکن ٿا. اُهو حق مغربي عالم ڊاڪٽر سورلي ادا ڪيو، سندس سمجهاڻي عمدي هئي پر اُن ۾ شاهه جي شعر کي ڪتب نه آندو ويو هو، تنهنڪري هِن ڪتاب ۾ شاهه جي شعر ذريعي ساڳئي مقصد سان سنڌيءَ ۾ سمجهايو ويو آهي. پر جدت جو جيڪو بنيادي نڪتئه نظر پهرئين ڪتاب ۾ اختيار ڪيو ويو، اُن نظريه سازيءَ جو سچو ڪريڊٽ پهرئين مصنف جو ئي آهي، ڇو ته ٻئي ڪتاب جو به بنيادي مقصد ته ساڳيو آهي، البت سٽاءَ ۽ تاويل ۾ انفراديت آهي.

محقق پنهنجي تحقيقي مقالي جي مقدمي جي شروعات هنن لفظن سان ڪئي آهي:

> “شاهه عبداللطيف جي زندگيءَ ۽ ڪلام جي مختلف پهلوئن تي گذريل سوا به سؤ ورهين ۾ جيڪو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، اُن جو جيڪڏهن جائزو وٺنداسين ته اسان کي سواءِ مايوسيءَ جي ٻي ڪا ڪارگر تحقيق نظر ڪانه ايندي. ان لاءِ ڪيترائي سبب ڪارفرما ٿي سگهن ٿا، جن ۾ اهم سبب آهي، بنيادي ماخذن جي ڪمي. (سودر،1991: 19)

مٿيون پيراگراف ڪتاب جي مقدمي جي تمهيد آهي، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف جي زندگي ۽ شاعريءَ بابت ٿيل سموري تحقيق تي بنيادي ماخذن جي ڪميءَ جو جواز ڄاڻائي مرنديئڙو ڏنو ويو آهي. حقيقت ۾ بنيادي ماخذ ته فقط شاهه جو پنهنجو ڪلام ئي آهي سو ته موجود آهي (گنج جي صورت ۾ توڙي مرتب ڪيل منتخب مجموعن جي شڪل ۾) ٻيو ته شاهه عبداللطيف جي زندگيءَ بابت اوائلي دؤر جي جن ڪتابن ۾ ڪي احوال آهن سي به موجود آهن. اُن هوندي به سڀ ڪجهه رد ڪرڻ جو مطلب اِهو ٿيو ته محقق نه ته شاهه عبداللطيف جي ڪلام کي بنيادي ماخذ تسليم ڪري ٿو ۽ نه شاهه صاحب جي زندگيءَ بابت ڪنهن به احوال کي بنيادي ماخذ جي حيثيت ۾ تسليم ڪري ٿو. هاڻ ٻيا ٻيا بنيادي ماخذ ڪٿان ايندا، ڇا شاهه صاحب اٿي اچي اسان جي اڳيان زنده رهي

ٻيهر شاعري ڪري مستند ڪتاب ڇپرائيندو! سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جڏهن محقق بنيادي ماخذ نه هئڻ سبب اڳين سموري تحقيق رد ڪري ٿو ته پوءِ هو پاڻ پنهنجي تحقيق بنيادي ماخذن بنا ڇو ڪندو؟! تنهنڪري سندس تحقيق جو مقصد ڪو ٻيو ٿي سگهي ٿو، اُهو مقصد ئي مقدمي جي تمهيد مان ظاهر ٿئي ٿو، يعني شاهه عبداللطيف جي حياتي ۽ ڪلام بابت شڪ شبها پيدا ڪرڻ.

تمهيد ۾موضوع جو مقصد ڄاڻايو ويندو آهي، بعد ۾ سڀ تفصيل مقصد کي واضح ڪرڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن. هن مقدمي ۾ تمهيد کان پوءِ جيڪي تفصيل درج ڪيل آهن، تن مان واضح ٿئي ٿو ته بنيادي ماخذن جي ڪميءَ جو نُڪتو، جنهن جي بنياد تي شاهه صاحب بابت ٿيل سڀ ڪم رد ڪيو ويو، سو فقط شاهه جي ڪلام تائين محدود نه رکيو ويو آهي، پر لفظ "ماخذن "جمع جي صيغي سبب، اُن تهذيب جي بنيادي ماخذن جي تائين ڦهليل آهي، جنهن تهذيب جو شاعر شاهه عبداللطيف آهي.

تمهيد کان پوءِ ٻھريون نُڪتو جيڪو اعتراض هيٺ آندو ويو آهي، اُهو علم الاهي آهي. دراصل مذهبي نڪتئه نظر موجب خالق پنهنجي ذات جو علم انسان کي عطا ڪري ٿو. ٻانهو جڏهن محبت، اخلاص، ايثار ۽ احسن عمل سان سائين ڏانهن پنڌ ڪري ٿو ته مالڪ مهربان ٿي پنهنجي فضل ۽ هدايت سان کيس پنهنجي ويجهو ڪري ٿو ۽ کيس اُها بصيرت عطا ڪري ٿو، جنهن سان هو پنهنجي خالق کي سڃاڻڻ لڳي ٿو، تان ته کيس عين اليقين حاصل ٿئي ٿو. اِن طرح جڏهن رب العالمين پنهنجي علم جي نعمت ٻانهي تي مڪمل ڪري ٿو ته هو عالم، عارف، ڪامل يا مهذب بڻجي ٿو. ائين خدا شناسائي ۽ علم الاهي حاصل ڪرڻ فرد جي زندگي ۽ سنڌ جي تهذيب جو اعليٰ اولين مقصد آهي.

انساني تاريخ حضرت آدم جي اولاد کان وٺي ٻن ڌارائن ۾ سفر ڪندي آئي آهي. هڪڙي ڌارا علم الله وارن يعني مذهب کي مڃيندڙن جي آهي، جيڪا پيغمبرن، مؤمنن ۽ عارفن جي شاهدين ۽ ثابتين تحت روان دوان آهي. ٻي ڌارا مادي ۽ سائنسي سوچ رکندڙن جي آهي، جنهن ۾ شڪ ۽ ماديت سان گڏ جديديت، ترقي ۽ ارتقا جا نُڪتا شامل آهن. ليڪڪ پوئين ڌارا کي ويجهو لڳي ٿو. هو لکي ٿو:

> “شاهه صاحب جي زندگيءَ متعلق اسان کي جيڪو پهريون احوال ملي ٿو، اُهو آهي: مير علي شير قانع جو مختصر، مگر عقيدت مندانه رايو جيڪو هُن “تحفة الڪرام ”۾ لکيو. موصوف پنهنجي عقيدت جي جذبات ۾ رهي، حقيقت کان ڪناره ڪشي ڪندي، شاهه صاحب کي اُمي قرار ڏنو ۽ چيائين ته: “شاهه عبداللطيف وجد جي حالت جي ڪري ڳجها اسرار پروڙيندو هو”. (سوڍر،1991: 19)

“ اُمي” عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ظاهري طور پڙهيل نه هجڻ آهي. مٿئين حوالي ۾ ڏسبو ته تحفة الڪرام مان جيڪا روايت کوٺ ڪئي وئي آهي، اُن منجهه لفظ “اُمي ”موجود نه آهي، تنهنڪري اُن جو مقصد فقط ايترو ٿئي ٿو ته شاهه عبداللطيف کي الله تعاليٰ وٽان هدايت ۽ معرفت جو علم حاصل هو. پر روايت کان اڳ مصنف پنهنجي تجزيئي ذريعي لفظ “امي” به اُن ۾ شامل ڪيو آهي ۽ شاهه عبداللطيف جي عالم ۽ عارف واري حيثيت ۽ سندس ڪلام ۾ خداشناسائي واري مشاهدي جي نفي ڪئي وئي آهي. اِن موقف لاءِ استدلال جو طريقو هي اختيار ڪيو ويو آهي:

> “گويا سندس مقصد اِهو هيو ته شاهه صاحب جي دانائي ۽ عارفانه بصيرت جو ظاهري حقيقتن سان ڪو به تعلق ڪو نه هو، حالانڪ شاهه صاحب جي ڪلام جي روشني ۾ چٽيءَ طرح نظر اچي ٿو ته شاهه صاحب سنڌ جي، اُن وقت ۾ مروج، زندگيءَ جي دستورن کان، معاشيات جي اصولن کان، اُن تاريخي ڏارا ۾ ڏاڍ ۽ جبر ، رحم و ڪرم ۽ عدل انصاف کان مڪمل واقف هو. (سوڍر،1991: 19)

پنهنجي موقف جي تائيد ۾ دليل پيش ڪرڻ لاءِ به لفظ “اُمي ”جيان هت وري عربي لفظ “رحم و ڪرم ”۾ اُن جي “و” وصل کي جوڙ جي علامت بڻائي پنهنجي معنيٰ جو مقصد پيدا ڪيو ويو آهي،

محقق مقدمي جو ٽيون نُڪتو اُن هٿ نوڪي روايت کي ٻڌايو آهي ته “شاهه صاحب پنهنجي ڪلام جو سمورو ذخيرو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلي ڇڏيو هو”. جنهن جو مطلب ته شاهه صاحب کي علم مان ڪو هڙ حاصل نه ٿيو، تنهنڪري هُن شاعريءَ ۾ ٻيو ڪو مقصد نه ڏسي، ان کي ڍنڍ ۾ اڇلي ڇڏيو. اِن عمل جي ثابتيءَ لاءِ دين محمد وفائيءَ جهڙي جديد مولويءَ کي شاهد ٻڌايو ويو، جنهن چيو ته واقعي شاهه صاحب ائين ڪيو ۽ چڱو ڪيائين:

> “هن جديد ليکڪ (مولانا دين محمد وفائيءَ) انهيءَ پراڻيءَ روايت جي تصديق ڪئي آهي ته “شاهه صاحب پنهنجي ڪلام جو سمورو ذخيرو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اُڇلي ڇڏيو هو.” ....... سندس اصل مراد آهي ته ‘شاهه صاحب پنهنجو ڪلام ضايع ڪيو هو ۽ اُهو اُن چڱوئي ڪيو هو ’ڇا ڪاڻ ته بقول مولانا دين محمد وفائي: ته اهڙو شعرن کي لوڙهڻ جو چڱو ڪم مير علي شير قانع به ڪيو هو، جنهن “اسي هزار بيت ناس ڪيا هيا ” (سوير،1991: 20)

ٻئي پاسي وري گربخشاڻيءَ کي ڍنڍ ۾ اڇليل شاعريءَ جو قدردان ٻڌايو ويو، جنهن خدا شناسائيءِ جي مشاهدي ۽ علم مڻان چادر وجهي، فقط انساني تصورن ۽ خيالن سان همدرديءَ جي بنياد تي شاهه صاحب جي شاعريءَ کي پنهنجو ٻڌايو. اِن بنياد تي جديد انسان، صوفي بزرگ وغيره اُهو ٻڌيو، جيڪو علم الاهي بغير گربخشاڻيءَ جي بقول سڪڻن انساني تصورن ۽ خيالن ۾ سرگردان، بي قرار، ڪوي، صوفي ۽ ڏاهو هجي. شاهه عبداللطيف کي اهڙي ڏاهي جي حيثيت ڏيڻ لاءِ دليل اهو ٻوڙايو ويو آهي ته جيڪڏهن وٽس علم ۽ معرفت هجي ها ته پوءِ پنهنجو ڪلام ڍنڍ ۾ چو اڇلي ها! ٻيو ته هو ڪو چمندي چام به ڪو نه هو. جيڪڏهن چمندي چام هجي ها ته پوءِ اهڙيون غلطيون نه ڪري ها جو بعد ۾ پِشيمان **ٿيڻو پوي:**

> ”شاهه عبداللطيف هڪ ڪامل درويش، صوفي بزرگ، ۽ عارف انسان هيو، جنهن لاءِ اڪثر اهي به روايتون آهن ته هو چمندي چام هو. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته پوءِ اهڙا

عارف انسان غلطيو نه ڪندا آهن، جو بعد ۾ ڪين انهن تي پشيمان ٿيڻو پوي.“

(سوڍر، 1991: 19)

ليڪڪُ مقدمي جي تمهيد ۾ چاڻايل بنيادي ماخذن ڏانهن موٽ ڪائي ٿو ۽ چاڻائي ٿو ته بنيادي ماخذن کي ڪيئن ڪو نه ٿو مڃي. هو شاهه صاحب جي سوانح حيات تي لکيل ٻن ڪتابن ”لطائف لطيفي“ ۽ ”احوال شاهه عبداللطيف“ جو ذڪر تمثيلي طور ڪري ٿو، جنهن ۾ بنيادي حيثيت فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”لطائف لطيفيءَ“ کي ڏئي ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ”احوال شاهه عبداللطيف“ جي ثانوي حيثيت مقرر ڪري ٿو. اُن لاءِ دليل اِهو ٿو ڏئي ته ”مرزا قليچ بيگ اُهو سمورو مواد مير صاحب کان حاصل ڪيو هو ۽ اُن جي جاکوڙ ڪو نه ڪئي هئائين“.

شاهه عبداللطيف جي ڪلام کي بنيادي ماخذ طور مڃڻ بجاءِ، اُن کي شاهه جي ڪوڙي ڪرامت سڏي، هِن طرح رد ڪيو ويو آهي:

> ”شاهه عبداللطيف جي وڏي ۾ وڏي ڪرامت آهي: ”سندس ڪلام“ جنهن جهڙو اڄ تائين ڪو سنڌي شاعر جوڙي نه سگهيو آهي. پر اهڙيون ڪرامتون جيڪي اڪثر شاهه صاحب ڏانهن منسوب ڪيون ويون آهن، ۽ جن جي تصور سان عارفانه شخصيت تي الزام جي بدبوءِ اچي، اُها ڪرامت ته نه آهي“. (سوڍر، 1991: 21 - 22)

مقصد اِهو ٿيو ته شاهه صاحب جو جيڪڏهن ڪو ڪارنامو يا ڪرامت ڳڻجي ته اُهو فقط ”سندس ڪلام“ ئي ٿي سگهي ٿو، پر جڏهن شاهه جو ڪلام ئي نه آهي ته پوءِ اها سندس ڪرامت به نه آهي. ان طرح شاهه صاحب جي شاعري، معرفت ۽ عارفاڻي حيثيت جو گڏيل انڪار ڪيو ويو آهي.

تنهن کان پوءِ وري هڪ ٻي خود ساخته روايت سان شاهه عبداللطيف کي هڪ مافوق الفطرت شخص نه هئڻ سبب چريو، روڳي (Abnormal) شخص قرار ڏنو ويو آهي:

”بنيادي ماخذن ۾ هڪڙيءَ ڪرامت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته “شاهه صاحب ننڍي عمر ۾ ٻارن سان لڪ لڪوٽي ڪيڏندي ٽن ڪان نون ڏينهن تائين وڻ جي ٿڙ ۾ لڪي ويٺو رهيو”. فراخ دليءَ سان سوچجي ته اڄ اهڙي ٻار کي غير فطري (Abnormal) جيڪر چيو وڃي“. (سوڍر، 1991: 22)

مٿي ذڪر ڪيل خودساخته روايتن جي استدلال ۾ چاٽايو ويو آهي ته شاهه عبداللطيف هڪ فطري انسان هو، سندس سچي ڪلام ۾ ڪٿي به ثابت ڪو نه ٿو ٿئي ته ڪو کيس مافوق الفطرت خالق جو علم ۽ معرفت حاصل آهي. تنهنڪري شاهه عبدالطيف خالق جي علم بغير هڪ دانشور، عارف ۽ داناءُ انسان هو، اِن ڳالهه جي ثابتي سندس رسالو آهي.

”شاهه صاحب جي سموري ڪلام کي مطالعو ڪنداسين ته اسان کي اهڙي ڪابه ڳالهه شاهدي ڪو نه ڏيندي ته شاهه صاحب ڪو غير فطري (Abnormal) انسان هو. هو هڪ دانشور، عارف ۽ داناءُ انسان هو، جنهن جي دانائيءَ جو ثبوت سندس رسالو آهي“. (سوڍر، 1991: 22)

اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون هن ٿيسز جي مقدمي ۾ موجود آهن، جن ۾ شاهه صاحب جي علمي بصيرت تي سوال اٿاريا ويا آهن. حيرت جي ڳالهه آهي ته سمورا دليل ۽ منطق هڪ ذر طور پيش ڪيا ويا آهن، جڏهن ته محقق کي ذر ٿيڻ بجاءِ علمي اک ۽ وسيع النظريءَ سان پرکڻو هوندو آهي.

<u>حوالا:</u>1- سوڍر، شاهنواز (1991).سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف، ڇاپو پهريون. حيدرآباد، سنڌ: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز